# سنڌ آرڊيننس نمبر XLIV مجريه 2002
# SINDH ORDINANCE NO.XLIV OF 2002
# سنڌ ڪپھہ ضابطو (ٻي ترميم) آرڊيننس، 2002
# THE SINDH COTTON CONTROL (SECOND AMENDMENT) ORDINANCE, 2002

## (CONTENTS) فهرست


تمهيد (Preamble)

دفعات (Sections)

1. مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement

2. 1966 جي اولهہ پاڪستان آرڊيننس نمبر XX جي دفعہ 2 جي ترميم
Amendment of Section 2 of W.P Ordinance No.XX of 1966

3. 1966 جي اولهہ پاڪستان آرڊيننس نمبر XX جي دفعہ 3 جي ترميم
Amendment of Section 3 of W.P Ordinance No.XX of 1966

4. 1966 جي اولهہ پاڪستان آرڊيننس نمبر XX جي دفعہ 5 جي ترميم
Amendment of Section 5 of W.P Ordinance No.XX of 1966

5. 1966 جي اولهہ پاڪستان آرڊيننس نمبر XX جي دفعہ 7 جي ترميم
Amendment of Section 7 of W.P Ordinance No.XX of 1966

6. 1966 جي اولهہ پاڪستان آرڊيننس نمبر XX جي دفعہ 14 جي ترميم
Amendment of Section 14 of W.P Ordinance No.XX of 1966

7. 1966 جي اولهہ پاڪستان آرڊيننس نمبر XX جي دفعہ 27 جي ترميم
Amendment of Section 27 of W.P Ordinance No.XX of 1966

# سنڌ آرڊيننس نمبر XLIV مجريه 2002
## SINDH ORDINANCE NO.XLIV OF 2002
# سنڌ ڪپهه ضابطو (ٻي ترميم) آرڊيننس، 2002
# THE SINDH COTTON CONTROL (SECOND AMENDMENT) ORDINANCE, 2002

[4 نومبر 2002]

آرڊيننس جنهن ذريعي سنڌ ڪپهه ضابطو آرڊيننس، 1966 ۾ وڌيڪ ترميم ڪئي ويندي.

تمهيد (Preamble)

جيئن ته سنڌ ڪپهه ضابطو آرڊيننس، 1966 ۾ وڌيڪ ترميم ڪرڻ ضروري ٿي پئي آهي، جيڪا هن ريت هوندي؛

۽ جيئن ته صوبائي اسيمبلي 14 آڪٽوبر 1999 واري اعلان تحت ۽ پرووينزل ڪانسٽيٽيوشن آرڊر نمبر. 1 موجب معطل آهي؛

۽ جيئن ته سنڌ جو گورنر مطمئن آهي ته موجوده صورتحال ۾ تڪڙو قدم کڻڻ ضروري آهي؛

هاڻي تنهن ڪري، مٿي ڄاڻايل اعلان ۽ پرووينزل ڪانسٽيٽيوشن آرڊر سان گڏ پڙهو 1999 جو پرووينزل ڪانسٽيٽيوشن (ترميم) آرڊر نمبر. 9، ۽ ان سلسلي ۾ مليل سمورن اختيارن کي استعمال ۾ آڻيندي، سنڌ جي گورنر خوشيءَ سان هيٺيون آرڊيننس جوڙي نافذ ڪرڻ فرمايو آهي:

مختصر عنوان ۽

1. (1) هن آرڊيننس کي سنڌ ڪپهه ضابطو (ٻي ترميم)

| | |
|---|---|
| آرڊيننس، 2002 سڏيو ويندو.<br>(2) هي فوري طور تي لاڳو ٿيندو. | شروعات<br>Short title and commencement |
| 2. سنڌ ڪپهه ضابطو آرڊيننس، 1966 ۾، جنهن کي هن کانپوءِ به حوالي آرڊيننس سڏيو ويندو، ان جي دفعه 2 ۾:<br>(i) شق (c) لاءِ هيٺين ريت متبادل ٿيندو:<br>"(c) "ڳنڍڙي" مطلب معياري سراسري وزن 170 ڪلوگرام تي ٻڌل ڪپهه جي ڳنڍڙي، جيڪا 8.5 سيڪڙو گهم جي بنياد تي ٿي سيڪڙو وڌيڪ يا گهٽ ٿي سگهي ٿي."؛<br>(ii) شق (d) ۾ لفظن "سنڌ ڪاٽن بورڊ" لاءِ لفظ "سنڌ ڪاٽن ڪنٽرول بورڊ" متبادل ٿيندا؛<br>(iii) شق (k) ۾ انگ ۽ لفظن "پهرين سيپٽمبر کان 31هين آگسٽ" لاءِ انگ ۽ لفظن "پهرين آگسٽ کان 31هين جولاءِ" متبادل ٿيندا؛<br>(iv) شق (1) لاءِ هيٺين ريت متبادل ٿيندو:<br>"(1) "ڊسٽرڪٽ ڪو آرڊينيشن آفيسر، ايگزيڪيوٽو ڊسٽرڪٽ آفيسر ايگريڪلچر، ڊسٽرڪٽ آفيسر ايگريڪلچر يا ڊپٽي ڊسٽرڪٽ آفيسر ايگريڪلچر" مطلب حڪومت طرفان ڊسٽرڪٽ ڪو آرڊينيشن آفيسر، ايگزيڪيوٽو ڊسٽرڪٽ آفيسر ايگريڪلچر، ڊسٽرڪٽ آفيسر ايگريڪلچر يا ڊپٽي ڊسٽرڪٽ آفيسر ايگريڪلچر جا ڪم سرانجام ڏيڻ لاءِ مقرر ڪيل ماڻهو جيئن معاملو هجي."؛<br>(v) شق (o) ۾ لفظ "آرڊيننس" کانپوءِ لفظ "مالڪ کي" شامل ڪيا ويندا؛ ۽ | 1966 جي اولهه پاڪستان آرڊيننس نمبر XX جي دفعه 2 جي ترميم<br>Amendment of Section 2 of W.P Ordinance No.XX of 1966 |

(vi) شق (r) کانپوءِ هيٺين نئين شق شامل ڪئي ويندي:

"(rr) "مالڪ" مطلب اهو ماڻهو جيڪو فيڪٽري رکندو هجي ۽ جنهن ۾ شامل آهي هڪ الاٽي، ليزي يا ان سلسلي ۾ قبضو رکندڙ"؛

1966 جي اولهه پاڪستان آرڊيننس نمبر XX جي دفعه 3 جي ترميم

Amendment of Section 3 of W.P Ordinance No.XX of 1966

3. جاڻايل آرڊيننس جي دفعه 3 جي ذيلي دفعه (1) ۾ لفظ "ڪپهه" لاءِ لفظ "ڪپهه تي ضابطو" متبادل ٿيندا.

1966 جي اولهه پاڪستان آرڊيننس نمبر XX جي دفعه 5 جي ترميم

Amendment of Section 5 of W.P Ordinance No.XX of 1966

4. جاڻايل آرڊيننس جي دفعه 5 جي ذيلي دفعه (1) ۾ لفظن ۽ ڪاما "ڊائريڪٽر آف ايگريڪلچر، ڊپٽي ڊائريڪٽر آف ايگريڪلچر ۽ اسسٽنٽ ڊائريڪٽر آف ايگريڪچر" لاءِ لفظ ۽ ڪامائون "ڊسٽرڪٽ ڪو آرڊينيشن آفيسر، ايگزيڪيوٽو ڊسٽرڪٽ آفيسر ايگريڪلچر، ڊسٽرڪٽ آفيسر ايگريڪلچر ۽ ڊپٽي ڊسٽرڪٽ آفيسر ايگريڪلچر" متبادل ٿيندا.

1966 جي اولهه پاڪستان آرڊيننس نمبر XX جي دفعه 7 جي ترميم

Amendment of

5. جاڻايل آرڊيننس جي دفعه 7 ۾:

(i) ذيلي دفعه (1) ۾ فل اسٽاپ کان اڳ هيٺين ريت اضافو ڪيو ويندو:

"هيٺين شرطن موجب:

(a) جوڙيل "پڪا" پليٽ فارمز جو جوڳو انگ؛

Section 7 of W.P Ordinance No.XX of 1966

(b) ڪاٽنو؛

(c) صفائي ڪان اڳ جي مشينري جھڙوڪ انڪلينڊ ڪلينرس، امپيڪٽ ڪلينرس، فيدر سيڊ ڪلينرس، راڪ ڪيچرس؛

(d) مند جي شروعات وقت اٽڻ جي اوزارن جا نوان سيٽ؛

(e) صفائي ڪان بعد واري مشينري؛

(f) الڳ پڌڻ واري سهولت سان گڏ خود بخود چيپاتي ڳنڙي ناهڻ؛

(g) سئو سيڪڙو مضبوط ۽ گهاٽي ڪپھ جي ڳنڙين جو استعمال؛

(h) جننگ مشينري جي بهتر مرمت ۽ سار سنڀال؛

(i) ٽيڪنيڪل اسٽاف جي دستيابي؛ ۽

(j) ڪپھ جي ٻج ۽ پھن لاءِ پاڪستان ڪاٽن اسٽينڊرڊ انسٽيٽيوشن (اسٽينڊرڊ گريڊ) ڏيڻ جي دستيابي؛

(ii)ذيلي دفعہ (3) لاءِ هيٺين ريت متبادل ٿيندو:

"(3) هن دفعہ تحت لائسنس جاري ڪرڻ لاءِ مجاز اختياري مالڪ کي پڌڻ جو موقعو فراهم ڪرڻ کانپوءِ ذيلي دفعہ (1) ۾ بيان ڪيل شرط پورا نہ ڪرڻ جي بنياد تي ۽ دفعہ 30 جي ذيلي دفعہ (2) جي شق (i) تحت بيان ڪيل ڪا في ادا نہ ڪرڻ تي لائسنس رد يا ملتوي ڪري سگهي ٿي يا ان کي نئون ڪرڻ کان انڪار ڪري سگهي ٿي، اهڙي عرصي لاءِ جيئن اها مناسب سمجهي."

1966 جي اولهہ

6.ڄاڻايل آرڊيننس جي دفعہ 14 جي ذيلي دفعہ (1) ۾، لفظن،

پاڪستان آرڊيننس نمبر XX جي دفعه 14 جي ترميم
Amendment of Section 14 of W.P Ordinance No.XX of 1966

ڪامائن ۾ ڏنگين "سنڌ وزن ۽ ماپا آرڊيننس، 1965" لاءِ لفظ ۽ ڪاما "سنڌ معياري وزن ۽ ماپا ايڪٽ، 1975" متبادل ٿيندا.

1966 جي اولهه پاڪستان آرڊيننس نمبر XX جي دفعه 27 جي ترميم
Amendment of Section 27 of W.P Ordinance No.XX of 1966

7.جاٽايل آرڊيننس جي دفعه 17 ۾، ذيلي دفعه (1) لاءِ سواءِ شرطيه بيان ۽ شق (c) جي هيٺين ريت متبادل ٿيندو:

"17(1). فيڪٽري جو ڪو قبضو رکندڙ يا پيو ڪو شخص؛

(a) جيڪو ڪپهه کي ڪپهه جي ڏاڳي ڪانسواءِ ٺهيل ڪنهن ڪپڙي سان سنڀالي يا رکي ٿو، ڪپهه جي ٻج يا ڦهن کي بيان ڪيل حد کان وڌيڪ پاڻي ڏئي ٿو (ڏهه سيڪڙو کان وڌيڪ) يا ڪنهن پرڏيهي مادي جهڙوڪ جوٽ فائبر، جوٽ ٽوئنس، پروپلين بيگس، انساني يا جانورن جا وار، ڪنفيڪشنري ريپرس استعمال ڪرڻ جي اجازت ڏئي ٿو يا اٽي ٿو يا پريس ڪري ٿو يا اهڙي ڪپهه اهڙي فيڪٽري ۾ اٽڻ يا پريس ڪرڻ جي اجازت ڏئي ٿو؛ يا

(b) اهو جيڪو دفعه 16 تحت نوٽيفڪيشن ۾ جاٽايل ڪنهن علائقي ۾، اٽي ٿو يا پريس ڪري ٿو يا ڪا ڪپهه اٽڻ يا پريس ڪرڻ جي اجازت ڏئي ٿو جيڪا هي جاڻي ٿو يا ان جي علم ۾ آهي ته ڪپهه ۾ مختلف ملاوٽون موجود آهن؛

اهو قيد جي سزا لائق هوندو جيڪا ڇهه مهينن
تائين وڌي سگهي ٿي ڏنڊ سان گڏ جيڪو پندرنهن
هزار رپيين کان گهٽ نہ هوندو”.

8.جاٽايل آرڊيننس جي دفعہ 27 جي ذيلي دفعہ (1) ۾، لفظ
“درجہ بندي” کانپوءِ ڪاما ۽ لفظ “،معياريت” شامل ٿيندا.

**نوٽ: آرڊيننس جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.**